SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سندھ آرڈیننس نمبر XXXVI مجریہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XXXVI OF 2001

سندھ قانون (ترمیم) آرڈیننس، 2001

THE SINDH LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

فہرست (CONTENTS)

تمہید (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ءِ شروعات
Short title and commencement

2. شیڈول
Schedule

سنڌ آرڊيننس نمبر XXXVI مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XXXVI OF 2001

سنڌ قانون (ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[28 نومبر 2001]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪجهه قانونن ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ مرڪز طرفان مليل اختيارن کي هيٺين سطح تي اثرائتو بڻائڻ لاءِ لاڳو ڪجهه قانونن ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ اسيمبلي چوڏنهن آڪٽوبر 1999 جي اعلان ۽ 1999 جي آئيني عبوري حڪم نمبر 1 جي روشني ۾ تحليل ڪئي وئي آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي، تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ آئيني عبوري حڪم سان گڏ پڙهو 1999 جو عبوري آئيني (ترميم) حڪم نمبر 9 ۽ ان سلسلي ۾ سمورا اختيار استعمال ڪندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ قانون (ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

commencement

(2) هي فوري طور ۽ 14هين آگسٽ 2001 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

2. هيٺ ڏنل شيڊول جي ڪالم 2 ۾ ڄاڻايل قانونن ۾ ان حد تائين ترميم ڪئي وئي آهي ۽ اهڙيءَ ريت جيئن ان جي سامهون ڪالم 3 ۾ ڄاڻايو ويو آهي.

شيڊول

Schedule

شيڊول

(ڏسو دفعہ 2)

جريان نمبر	قانونن جو مختصر عنوان	ترميم
1	2	3
1.	زميني سڌارن بابت قرض ايڪٽ، 1883 (1883 جو ايڪٽ XIX)	1.سموري ايڪٽ ۾ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ضلعي عملدار (روينيو)" متبادل ٿيندا. 2.دفعہ 3 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو: "3.هن ايڪٽ ۾ "ضلعي عملدار (روينيو)" مطلب هڪ ضلعي جو ضلعي عملدار (روينيو) يا صوبائي حڪومت طرفان هن ايڪٽ تحت ضلعي عملدار (روينيو) جا ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ ان جي عهدي جي مقصد لاءِ

		بااختيار بڻايل ڪو عملدار.".
.2	روينيو اوڳاڙي ايڪٽ، 1890 (1890 جو ايڪٽ I).	1.سموري ايڪٽ ۾ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ضلعي عملدار (روينيو)" متبادل ٿيندا. 2.دفعہ 2 ۾ ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو: "(2). "ضلعي عملدار (روينيو)" مطلب ضلعي عملدار (روينيو).". 3.ذيلي دفعہ 7 ۾ جي شق (b) ۾ لفظ "ڪمشنر" لاءِ لفظ "ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)" متبادل ٿيندا.
.3	زمين طلبي ايڪٽ، 1894 (1894 جو ايڪٽ I).	1.سموري ايڪٽ ۾ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ضلعي عملدار (روينيو)" ۽ لفظ "ڪمشنر" لاءِ لفظ "ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)" متبادل ٿيندا. 2.دفعہ 3 ۾ شق (c) لاءِ

		هيٺين ريت متبادل ٿيندو: "(c). اظهار "ضلعي عملدار (روينيو)" مطلب هڪ ضلعي جو ضلعي عملدار (روينيو) ۽ جنهن ۾ شامل آهي هن ايڪٽ تحت ضلعي عملدار (روينيو) جا ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ بورڊ آف روينيو يا ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو) طرفان خاص طور مقرر ڪيل ڪو عملدار.".
4.	اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 (1899 جو II).	1.دفعہ 2 ۾ ذيلي دفعہ (9) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو: "(9) "ضلعي عملدار (روينيو)" مطلب هڪ ضلعي جو ضلعي عملدار (روينيو). 2.سڄي باب III ۾ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "چيف انسپيڪٽر آف اسٽيمپس، بورڊ آف روينيو" متبادل ٿيندا.

		3.سڄي باب IV ۾ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ضلعي عملدار (روينيو) يا چيف انسپيڪٽر آف اسٽيمپس، بورڊ آف روينيو" متبادل ٿيندا. 4. دفعہ 61 ۽ 73 ۾ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "چيف انسپيڪٽر آف اسٽيمپس، بورڊ آف روينيو" متبادل ٿيندا. 5.ٻين بابن ۾ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ضلعي عملدار (روينيو) يا چيف انسپيڪٽر آف اسٽيمپس" متبادل ٿيندو.
.6	زمين کي محفوظ بڻائڻ جو ايڪٽ، 1900 (1900 جو پنجاب ايڪٽ II).	1.سڄي ايڪٽ ۾ لفظن "ڊپٽي ڪمشنر" لاءِ لفظ "ضلعي عملدار (روينيو)" متبادل ٿيندا. 2.دفعہ 7 ۾ لفظ "ڪمشنر" لاءِ لفظ "ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)" متبادل ٿيندا.
.7	جهنگ	1.سڄي ايڪٽ ۾ لفظ

	ايڪٽ، 1927 (1927 جو ايڪٽ XVI).	"ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ضلعي عملدار (روينيو)" متبادل ٿيندا. 2.دفعہ 65 ۽ 68 ۾ لفظ "رينجر" لاءِ لفظ "رينجر يا ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر فاريسٽس" متبادل ٿيندا. 3.دفعہ 67 ۾ لفظن "ضلعي ماجسٽريٽ يا ڪوٽيو" لاءِ لفظ "ڪو" متبادل ٿيندا.
8.	خيراتي فنڊس (انتظام ڪرڻ ۽ جمع ڪرڻ) ايڪٽ، 1995 (1953 جو ايڪٽ XXXI).	1.سڄي ايڪٽ ۾ لفظ "ڪمشنر" لاءِ لفظ "ضلعي ڪوآرڊينيشن آفيسر" متبادل ٿيندا. 2.دفعہ 14 ۾ لفظن "ضلعي ماجسٽريٽ" لفظ "ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)" متبادل ٿيندا.
	حصو_II **سنڌ قانون** **(A)بامبي جي گورنر ڪائونسل/ليجسليٽو ڪائونسل جا ايڪٽس**	
1.	سنڌ آبڪاري ايڪٽ،	1.سڄي ايڪٽ ۾ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ

	1878 (1878 جو سنڌ ايڪٽ V).	"ڊائريڪٽر ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن" متبادل ٿيندا.
2.	سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 (1879 جو ايڪٽ VII).	سڄي ايڪٽ ۾ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو" ۽ لفظ "ڪمشنر" لاءِ لفظ "ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)" متبادل ٿيندا.
3.	سنڌ انڪمبرڊ اسٽيٽس ايڪٽ، 1896 (1896 جو ايڪٽ XX).	1.سڄي ايڪٽ ۾ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ضلعي عملدار (روينيو" متبادل ٿيندا. 2.دفعہ 31 ۾ لفظ "ڪمشنر" لاءِ لفظ "ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)" متبادل ٿيندا.
4.	سنڌ ڪورٽ آف وارڊس ايڪٽ، 1905 (1905 جو ايڪٽ I).	سڄي ايڪٽ ۾: (i)لفظ "ڪمشنر" لاءِ لفظ "ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ (روينيو)" متبادل ٿيندا. (ii)لفظ "ڊويزن" لاءِ لفظ "ضلعو" متبادل ٿيندو.

		(iii)لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ضلعي عملدار (روينيو) متبادل ٿيندا. (iv)لفظن "اسسٽنٽ يا ڊپٽي ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)" متبادل ٿيندا. 2.دفعہ 2 ۽ 23 ۾ لفظن "سنڌ لينڊ روينيو ڪوڊ" لاءِ لفظ "سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967" متبادل ٿيندا.
5.	مختيارڪارس ڪورٽس ايڪٽ، 1906 (1906 جو سنڌ ايڪٽ II).	سڄي ايڪٽ ۾ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ضلعي عملدار (روينيو)" متبادل ٿيندو.
(B) سنڌ ليجسليچر جا ايڪٽس		
1.	سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925 (1925 جو ايڪٽ	1.سڄي ايڪٽ ۾ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ضلعي عملدار (روينيو)" متبادل ٿيندا. 2.دفعہ 59 P جي ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظ "ڪمشنر" لاءِ

	VIII).	لفظ "ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)" متبادل ٿيندا.
2.	سنڌ ڏيتي ليتي ايڪٽ، 1939 (1939 جو سنڌ ايڪٽ XXI).	سڄي ايڪٽ ۾ لفظن "ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ" لاءِ لفظ "جڊيشل ماجسٽريٽ" متبادل ٿيندا.
3.	قرآن پاڪ ايڪٽ، 1940 (1940 جو ايڪٽ XII).	دفعه 4 ۾ لفظن "ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ" لاءِ لفظ "ڊسٽرڪٽ ائنڊ سيشنس جج" متبادل ٿيندا.
4.	سنڌ ڪيٽل اينڊ فوڊر ڪنٽرول ايڪٽ، 1947 (1947 جو سنڌ ايڪٽ II).	دفعه 8 ۾ لفظن "ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ" لاءِ لفظ "ضلعي عملدار (روينيو)" متبادل ٿيندا.
5.	سنڌ رورل ڪريڊٽ اينڊ لينڊ ٽرانسفر ايڪٽ،	1.سڄي ايڪٽ ۾ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ضلعي عملدار (روينيو)" متبادل ٿيندا.

	1947 (1947 جو ايڪٽ XLIX).	2.دفعہ 25 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو: “25. هن ايڪٽ ذريعي ضلعي عملدار (روينيو) کي منتقل ڪيل اختيار ڪنهن بہ روينيو عملدار طرفان استعمال ڪري سگهجن ٿا پر اهو ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو) جي عهدي کان گهٽ نہ هجي جنهن کي ان سلسلي ۾ صوبائي حڪومت بااختيار بڻايو هجي.”. 3.دفعہ 26 ۽ 28 ۾ لفظ “ڪمشنر” لاءِ لفظ “ضلعي عملدار (روينيو)”. متبادل ٿيندا.
6.	سنڌ تعليم بالغان ايڪٽ، 1950 (1950 جو سنڌ ايڪٽ XV).	دفعہ 10 جي ذيلي دفعہ (3) ۾ لفظ “ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ” لاءِ لفظ “ان سلسلي ۾ صوبائي حڪومت طرفان بااختيار بڻايل هڪ عملدار” متبادل ٿيندا. 2.دفعہ 13 جي ذيلي دفعہ

		(1) ۾ لفظن "ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ" لاءِ لفظ "صوبائي حڪومت" متبادل ٿيندا. 3.دفعہ 17 ۾ لفظ "ضلعو" کي ختم ڪيو ويندو.
7.	سنڌ ٽيننسي ايڪٽ، 1950 (1950 جو سنڌ ايڪٽ XX).	سڄي ايڪٽ ۾ لفظن "اسسٽنٽ يا ڊپٽي ڪمشنر" لاءِ لفظ "ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)" ۽ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ضلعي عملدار (روينيو)" متبادل ٿيندا.
8.	سنڌ بورسٽل اسڪولس ايڪٽ، 1955 (1955 جو سنڌ ايڪٽ X).	1.دفعہ 8 ۾ لفظ ۽ ڪاماڻون "هڪ ضلعي ماجسٽريٽ، هڪ سب ڊويزنل ماجسٽريٽ" ختم ڪيا ويندا. 2.دفعہ 9 ۾ لفظن "ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ" لاءِ لفظ "سيشنس جج" متبادل ٿيندا.
9.	سنڌ چلڊرن ايڪٽ،	1.دفعہ 8 جي شقن (c) ۽ (d) کي ختم ڪيو ويندو.

	1955 (1955 جو سنڌ ايڪٽ XII).	2.دفعہ 35 جي ذيلي دفعہ (6) ۾ لفظن "ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ" لاءِ لفظ "جڊيشل ماجسٽريٽ" متبادل ٿيندا. 3.دفعہ 38 ۾: (i)ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن "ضلعي جو ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ، جنهن ۾" کي ختم ڪيو ويندو. (ii) ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن "ڊسٽريڪٽ ماجسٽريٽ جو ۽" کي ختم ڪيو ويندو. 4.دفعہ 41 ۾ لفظن "ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ يا سب ڊويزنل ماجسٽريٽ" لاءِ لفظ "ڪورٽ آف سيشنس" متبادل ٿيندا. 5.دفعہ 94 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن "ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ" لاءِ لفظ "ڪورٽ آف سيشنس" متبادل ٿيندا.
(C) اولهہ پاڪستان قانون (جيئن سنڌ ۾ اپنايا ويا		

	آهن)	
	ايڪٽس	
.1	سنڌ جنرل ڪلاسز ايڪٽ، 1956 (1956 جو اولهه پاڪستان ايڪٽ VI).	دفعه 2 ۾: (a)شق (14) کي ختم ڪيو ويندو. (b)شق (19) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو: "(19). "ضلعي عملدار (روينيو)" جو مطلب ضلعي جي روينيو انتظاميا جو چيف آفيسر انچارج؛" (c)شق (17) کي ختم ڪيو ويندو. (d)شق (35) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو: "35) "لوڪل اٿارٽي" جو مطلب هوندو پورٽ ٽرسٽيز جي لوڪل گورنمينٽ بادي يا ٻي ڪا قانوني اٿارٽي يا جنهن کي حڪومت طرفان لوڪل فنڊ جي ضابطي ۽ انتظام هلائڻ لاءِ بااختيار بڻايو ويو هجي؛".
.2	سنڌ شهري غير	سڄي ايڪٽ ۾، لفظ

	متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 (1958 جو ايڪٽ V).	"ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ڊائريڪٽر ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن" متبادل ٿيندا.
3.	سنڌ تفريحن تي ڊيوٽي ايڪٽ، 1958 (1958 جو اولهه پاڪستان ايڪٽ X).	سڄي ايڪٽ ۾ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ڊائريڪٽر ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن" متبادل ٿيندا.
4.	سنڌ ايپيڊيمڪ ڊزيزز ايڪٽ، 1958 (1958 جو اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXVI).	دفعه 2 جي ذيلي دفعه (3) ۾ لفظن "ڊپٽي ڪمشنر" لاءِ لفظ "ڊسٽرڪٽ آفيسر هيلٿ (ميڊيڪل اينڊ پبلڪ هيلٿ)" متبادل ٿيندا.
5.	سنڌ ريڊيمپشن اينڊ ريسٽيٽيوشن	1.سڄي ايڪٽ ۾ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ضلعي عملدار (روينيو)"

	آف مورٽگيجڊ لينڊ ايڪٽ، 1964 (1964 جو اولهه پاڪستان XIX).	متبادل ٿيندا. 2.دفعه 2 جي شق (c) ۾، لفظ "ڪمشنر" لاءِ لفظ "ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)" ۽ لفظ "ڊويزن" لاءِ لفظ "ڊسٽرڪٽ" متبادل ٿيندا.
6.	سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 (1967 جو اولهه پاڪستان ايڪٽ XII).	1.سڄي ايڪٽ ۾: (i)لفظ "ڪمشنر" لاءِ لفظ "ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)" متبادل ٿيندا. (ii)لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ضلعي عملدار (روينيو)" متبادل ٿيندا؛ (iii)لفظن "اسسٽنٽ ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)" متبادل ٿيندا؛ (iv)لفظ "ڊويزن" لاءِ لفظ "ڊسٽرڪٽ" متبادل ٿيندو؛ (v)لفظن "سب ڊويزن" لاءِ لفظ "تعلقو" متبادل ٿيندو.

		2.دفعہ 5 ۾ لفظ "ڊويزنس" لاءِ لفظ "ڊسٽرڪٽس" متبادل ٿيندو. 3.دفعہ 6 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو: "6.(1) هر ضلعو حڪومت طرفان اهڙن تعلقن ۾ ورهايو ويندو جيئن نوٽيفڪيشن ۾ بيان ڪيو ويو هجي ۽ هر تعلقي کي اهڙيون حدون هونديون، جيئن حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي ڄاڻايو وڃي. (2)حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي صوبي ۾ ضلعن ۽ تعلقن جي حدن کي تبديل ڪري سگهي ٿي." 4.دفعہ 7 جي ذيلي دفعہ (2) کي ختم ڪيو ويندو. 5.دفعہ 8 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو: "8. هر ضلعي لاءِ هڪ ايگزيڪيوٽو آفيسر

		(روينيو) ۽ ضلعي عملدار (روينيو) هوندو جيڪو حڪومت طرفان مقرر ڪيو ويندو ۽ سڄي ضلعي اندر سمورا اختيار استعمال ڪندو ۽ ايگزيڪيوٽو آفيسر (روينيو) ۽ ضلعي عملدار (روينيو) جون ذميواريون سرانجام ڏيندو هن ايڪٽ تحت جيئن معاملو هجي. 6.دفعہ 9 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو: "9.حڪومت ڪنهن بہ ضلعي ۾ هڪ ايڊيشنل ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو) يا هڪ ايڊيشنل ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو) مقرر ڪري سگهي ٿي، جيڪو سڄي ضلعي اندر يا پنهنجي دائره اختيار ۾ سموريون ذميواريون ادا ڪري سگهي ٿو يا هن

		ايڪٽ تحت ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو) کي مليل ذميواريون نيائي سگهي ٿو جيئن معاملو هجي، ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر روينيو جي عام نظرداري ۽ ضابطي هيٺ ايڊيشنل ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو) ۽ ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو) ۽ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو) جي صورت ۾ پنهنجا اختيار ۽ ذميواريون استعمال ڪري ۽ ادا ڪري سگهي ٿو.". 7.دفعہ 11 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو: "11.تعلقي جو هڪ مختيارڪار (روينيو) هوندو جيڪو ٻئي درجي جي اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو) جا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙيون

		ذميواريون ادا ڪندو جيڪي هن ڪي ڏنيون ويون هجن يا مٿس هن ايڪٽ تحت مڙهيون ويون هجن.".
آرڊيننس		
1.	سنڌ ويگرنسي آرڊيننس، 1958 (1958 جو اولهه پاڪستان آرڊيننس XX).	دفعات 6 ۽ 21 ۾ لفظن "ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ" لاءِ لفظ "ڊسٽرڪٽ آفيسر سوشل ويلفيئر" متبادل ٿيندا.
2.	سنڌ ويڪسينيشن آرڊيننس، 1958 (1958 جو اولهه پاڪستان آرڊيننس XXVII).	دفعه 3 ۾ لفظن "ڊپٽي ڪمشنر" لاءِ لفظ "ڊسٽرڪٽ آفيسر هيلٿ (ميڊيڪل اينڊ پبلڪ هيلٿ)" متبادل ٿيندا.
3.	سنڌ پروهيبيشن آف اوپيم سموڪنگ	1.سڄي آرڊيننس ۾ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ڊسٽرڪٽ آفيسر ايڪسائيز" متبادل ٿيندا.

	آرڊيننس، 1960 (1960 جو اولهه پاڪستان آرڊيننس II).	2.دفعه 9 ۾، لفظن ۽ ڪامائن "ڪليڪٽر، هڪ ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ، سب ڊويزنل ماجسٽريٽ يا هڪ" ختم ڪيا ويندا.
4.	سينيما گهر ۾ تماڪ نوشي تي پابندي جو سنڌ آرڊيننس، 1960 (1960 جو اولهه پاڪستان آرڊيننس IV).	دفعه 6 ۾ لفظن "ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ" لاءِ لفظ "ڊسٽرڪٽ آفيسر هيلٿ (ميڊيڪل اينڊ پبلڪ هيلٿ)" متبادل ٿيندا.
5.	سنڌ پيور فوڊ آرڊيننس، 1960 (1960 جو اولهه پاڪستان ايڪٽ VII).	دفعه 35 ۾، لفظن "ڊپٽي ڪمشنر" لاءِ لفظ "تعلقي ناظم يا ٽائون ناظم، جيئن معاملو هجي، ٽائون ناظم" ۽ لفظ "ڪمشنر" لاءِ لفظ "ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر" متبادل ٿيندا.
6.	سنڌ مينٽيننس آف پبلڪ آرڊر آرڊيننس،	دفعه 3 ۾: (a) ذيلي دفعه (2) ۽ (4) ڪي ختم ڪيو ويندو.

	1960 (1960 جو اولهه پاڪستان آرڊيننس XXXI).	(b) ذيلي دفعه (6) ۾ لفظن "حڪم جاري ڪندڙ اٿارٽي" ۽ شرطيه بيان ۾ لفظن "اهڙو ڪو حڪم جاري ڪندڙ اٿارٽي" متبادل ٿيندا. (c)ذيلي دفعه (8) ۾ لفظن "يا هڪ ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ" ۽ يا لفظ ۽ ڪامائون "يا ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ، يا جيئن معاملو هجي،" ختم ڪيا ويندا. (d)ذيلي دفعه (10) ۾ لفظ ۽ ڪاما "ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ يا سرڪار جو ڪو ملازم جيئن ذيلي دفعه (2) ۾ ڄاڻايل هجي،"، لاءِ لفظ "ان سلسلي ۾ حڪومت طرفان بااختيار بڻايل ڪو شخص" متبادل ٿيندا. 2.دفعه 4 ۾ لفظ "يا دفعه 3 تحت ٻي ڪنهن اٿارٽي طرفان ڪيل گرفتاري يا

		ڪنهن شخص جي گرفتاري لاءِ هدايت ڪندڙ هوندي“ کي ختم ڪيو ويندو. 3.دفعہ 5 ۾: (i)ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن “يا ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ” کي ختم ڪيو ويندو؛ (ii)ذيلي دفعہ (2) ۽ (3) کي ختم ڪيو ويندو؛ (iii)ذيلي دفعہ (4) ۾ لفظ ۽ ڪامائون “۽ ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ طرفان جاري ڪيل ڪو حڪم جيڪو اهڙي ايراضي سڄي ضلعي جي يا ان جي ڪنهن حصي کي بيان ڪندو هجي” ۽ شرطيہ بيان ۾ لفظن “۽ اهڙو ڪو بہ حڪم ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ طرفان ڪنهن شخص جي ضلعي مان ڪڍڻ يا هٽائڻ لاءِ نہ ڪيو ويندو جيڪو شخص عام

		طور ضلعي ۾ رهندو هجي" کي ختم ڪيو ويندو. (iv) ذيلي دفعہ (5) ۾ لفظن "آرڊر جاري ڪندڙ اٿارٽي" لاءِ لفظ "حڪومت" ۽ شرطيہ بيان لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو: "بشرطيڪ حڪومت اهڙيون حقيقتون ظاهر ڪرڻ کان انڪار ڪري سگهي ٿي، جيڪي اها سمجهي تہ عوامي مفادن جي خلاف آهن.". 4. دفعہ 6 ۾: (i) ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن "يا ان سلسلي ۾ ان طرفان مجاز ٻڌايل ڪا اٿارٽي" ختم ڪيا ويندا. (ii) ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن "حڪم جاري ڪندڙ اٿارٽي" لاءِ لفظ "حڪومت" ۽ شرطيہ بيان لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

		"بشرطيڪ حڪومت اهڙيون حقيقتون ظاهر ڪرڻ کان انڪار ڪري سگهي ٿي، جيڪي اها سمجهي ته عوامي مفادن جي خلاف آهن.". (iii)ذيلي دفعه (3) ۾ لفظن "يا حڪم جاري ڪندڙ اٿارٽي" کي ختم ڪيو ويندو. 5.دفعه 7 ۾: (i)ذيلي دفعه (1) ۾، لفظن "يا ان سلسلي ۾ ان طرفان مجاز بڻايل ڪا اٿارٽي" ۽ ٻئي شرطيه بيان ۾ لفظ "يا مٿي ڄاڻايل اٿارٽي" ختم ڪيا ويندا. (ii)ذيلي دفعه (2) ۾، لفظ "يا حڪم جاري ڪندڙ اٿارٽي" ختم ڪيا ويندا. 6.دفعه 8 ۾، لفظن "ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ" لاءِ لفظ "حڪومت يا ان طرفان ان سلسلي ۾ مجاز بڻايل ڪا اٿارٽي" متبادل

		ڪيا ويندا. 7.دفعہ 26 کي ختم ڪيو ويندو.
	(D) صوبائي اسيمبلي سنڌ جا ايڪٽس	
1.	سنڌ ڪرائيمز ڪنٽرول ايڪٽ، 1975 (1975 جو سنڌ ايڪٽ II).	1.دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظ ۽ ڪاماڻون "ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ، ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ، سب ڊويزنل ماجسٽريٽ ۽" ختم ڪيا ويندا. 2.دفعات 8، 21، 22 ۾ لفظ "ڪمشنر" لاءِ لفظ "ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر" متبادل ٿيندا. 3.دفعہ 10 ۾ لفظن "ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ" لاءِ لفظ "ماجسٽريٽ آف دي فرسٽ ڪلاس" متبادل ٿيندا. 4.دفعہ 20 ۾ لفظن "ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ" لاءِ لفظ "ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر"

		متبادل ٿيندا. 5.دفعہ 21 جي ذيلي دفعہ (2) کي ختم ڪيو ويندو. 6.دفعہ 23 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو: "23.ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر لکت ۾ حڪم ذريعي ان جي ضلعي ۾ هڪ ٽربيونل کان ٻي ڏانهن ڪيس منتقل ڪري سگهي ٿو.".
2.	سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) ايڪٽ، 1975 (1975 جو سنڌ ايڪٽ V).	دفعہ 12 جي ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو: "(2)حڪومت هڪ ڊسٽرڪٽ جج، ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج يا سينئر سول جج کي ٽربيونل طور مقرر ڪري سگهي ٿي.".
3.	سنڌ ڳوٺ آباد (هائوسنگ اسڪيم) ايڪٽ، 1987 (1987 جو سنڌ	1.سڄي ايڪٽ ۾ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ضلعي عملدار (روينيو)" متبادل ٿيندا؛ 2.دفعہ 9 ۾، لفظ "ڪمشنر" لاءِ لفظ "ايگزيڪيوٽو

	ايڪٽ VII).	ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)" متبادل ٿيندا.
	سنڌ آرڊيننسز	
1.	سنڌ جهنگلي جيوت جو تحفظ آرڊيننس، 1972 (1972 جو سنڌ آرڊيننس V).	دفعہ 31 ۾ لفظن "ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ يا ڪو" لاءِ لفظ "ڪو" متبادل ٿيندو.
2.	سنڌ جوا ڪان بچاءُ آرڊيننس، 1978 (1978 جو سنڌ آرڊيننس V).	دفعہ 8 ۾ لفظ ءِ ڪامائون "ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ، سب ڊويزنل ماجسٽريٽ" ختم ڪيا ويندا.
3.	سنڌ زمين تي ٽيڪس ءِ زراعت آرڊيننس، 2000	1.سڄي آرڊيننس ۾ لفظن "ليند روينيو ءِ اسٽيٽ" لاءِ لفظ "روينيو" متبادل ٿيندو. 2.دفعہ 5 ۾ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ضلعي عملدار (روينيو)" متبادل ٿيندا.
	پنجاب قانون (سنڌ ۾ نفاذ ٿيندڙ)	
1.	ڪالونائيزيشن	1.سڄي ايڪٽ ۾ لفظ

	آف گورنمينٽ لينڊس، 1912 (1912 جو پنجاب ايڪٽ V).	"ڪمشنر" لاءِ لفظ "ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)" متبادل ٿيندا. 2.دفعہ 3 ۾ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ضلعي عملدار (روينيو)" متبادل ٿيندا.
2.	زرعي پيداوار بازار ايڪٽ، 1939 (1939 جو پنجاب ايڪٽ V).	سڄي ايڪٽ ۾ لفظن "ڊپٽي ڪمشنر" لاءِ لفظ "ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر" متبادل ٿيندا. 2.دفعہ 21_A ۾: (i)ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن "ڪراچي مارڪيٽ ڪميٽي جي صورت ۾ ڪمشنر ۽ ٻين معاملن ۾ ڊپٽي ڪمشنر" ۽ لفظن "ڪمشنر يا ڊپٽي ڪمشنر" لاءِ لفظ "ڊسٽرڪٽ ڪو آرڊينيش آفيسر" متبادل ٿيندا. (ii)ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظ "ڪمشنر" لاءِ لفظ

		"حڪومت" متبادل ٿيندو. 3.دفعہ 22_A ۾ لفظن "ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ" لاءِ لفظ "حڪومت" متبادل ٿيندو. 4.دفعہ 24_A ۾: (i)ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن "ڪراچي مارڪيٽ ڪميٽي جي صورت ۾ ڪمشنر ۽ بين معاملن ۾ ڊپٽي ڪمشنر" لاءِ لفظ "ڊسٽرڪٽ ڪو آرڊينيشن آفيسر" متبادل ٿيندا؛ (ii)ذيلي دفعہ (3) ۾ لفظن ۽ ڪامائن "ڪمشنرس يا جيئن معاملو هجي، ڊپٽي ڪمشنر" لاءِ لفظ ۽ ڪامائون "ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر يا خاص طور ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايل ڪو گزيٽيڊ آفيسر" متبادل ٿيندا.
سنڌ ريگيوليشن		
.1	1827 جو سنڌ	سڄي ريگيوليشن ۾ لفظن

	ريگيوليشن XXII	"ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ" لاءِ لفظ "ڊسٽرڪٽ ڪو آرڊينيشن آفيسر" ۽ لفظ "ڪليڪٽر" لاءِ لفظ "ضلعي عملدار (روينيو)" متبادل ٿيندا.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.